# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1988

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1988

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1988

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول V جي ترميم
Amendment of Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڪجهه شين تي روانگي محصول جي توثيق
Validation of Rawangi Mahsool on certain commodities

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1988

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1988

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1988

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[30 مئي 1988]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي، ۽ صوبي ۾ ضلعي ڪائونسلن طرفان ڪجھ شين تي روانگي محصول لڳائڻ جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ ضلعي ڪائونسلن طرفان ڪجھ شين تي روانگي محصول لڳائڻ جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال جي تقاضا آهي تہ تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم)

آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي شيڊول V جي حصي III جي داخلا نمبر 6 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول V جي ترميم
Amendment of Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979

"بشرطيڪ روانگي محصول باهہ ٻارڻ جي ڪاٺين، عمارتن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺ، ڪٽڪ، جوَ چانور، ڪپهہ (اٽيل، اڻ اٽيل يا ناڪاره)، ڪنڊ يا ڪنڊ جي شين جهڙوڪ مصري، ريوڙي ۽ ٻڙ تي لڳائي ويندي، پوءِ اها شئي يا مواد روينيو ضلعي جي شهري حدن کان يا ٻهراڙي حدن کان آمد ڪئي وڃي."

3. جيستائين ڪجهہ چاٽايل آرڊيننس يا ان موجب جوڙيل قاعدن يا ڪنهن عدالت جي فيصلي، حڪم يا ڊڪري جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

ڪجهہ شين تي روانگي محصول جي توثيق
Validation of Rawangi Mahsool on certain commodities

(a) سنڌ حڪومت، هائوسنگ، ٽائون پلاننگ مڪاني حڪومت ۽ رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ نوٽيفڪيشن نمبر SOV/DC_V(7)/85.PT.I مورخہ 12 جون 1986 موجب ڪجهہ شين تي روانگي محصول لڳائڻ جو اختيار ڏنو ويو جيڪو هميشہ ايئن ئي ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ ان تي عمل ڪيو ويندو پر ضلعي ڪائونسل حيدرآباد جي صورت ۾ ۽ ضلعي ڪائونسل نوابشاهہ جي صورت

۾ اهو پهرين سيپٽمبر 1983 ۽ 19هين مئي 1984
کان ترتيبوار لاڳو سمجهيو ويندو.

(b) ڇاڪاڻ ته نوٽيفڪيشن جي سلسلي ۾ ضلعي ڪائونسل طرفان روانگي محصول لڳائڻ، اوڳاڙڻ، وصول ڪرڻ، جمع ڪرڻ يا محسوس ڪرڻ ڪي هميشه ايئن ئي ڪارگر طريقي لڳائڻ، اوڳاڙڻ، وصول ڪرڻ، جمع ڪرڻ يا محسوس ڪرڻ سمجهيو ويندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**